هڪ هڪ ٿي ڪپي ويندئي سڀ ٽشو پيپر،
پنهنجي نيٽن مان مني! لڙڪ تہ اجهل ٿا وسن.

اسان جي ئي خاطر هي شهر، شهر وفا آهہ بڻيو،
اوهان ٿا چئو "بس هت هيءُ ئي بيوفا ٿا رهن."

درد سهڻ جي اجان بہ طاقت آ تنهن ڪري،
اسان ڪي آخري هڪ درد ۾ هڪڙو ڪپي ڪفن.

يا خدا زندگي جي ڏين تہ ڪو سهارو بہ تہ ڏي،
نہ تہ ايل ايم سيءَ ڪي ڊئڊ باڊيون ٿيون ڪپن.

جانيواڪر جي بوتل ۾ بہ بند ٿي نہ ٿا سگهجن،
منهنجا سپنا بہ ڪيڏا نہ رولاڪ ۾ آوارا هن.

ڪيترو بردباري ۾ پڪائيءَ ڪان ڪم ونبو،
تنهنجي ياد ايندي ئي ڳوڙها ڳڙي ٿا پون.

□

جي چئين تہ اڄ مان توکي گيت ٻڌايان، نئون ڪو،
جو دڪيل چٽنگ من مان، چمڪي سان ٻري پوي،
جيون راند ۾ هر ڪو چاهي ٿو پڪو، نہ چئونڪو،
جي چئين تہ اڄ مان توکي گيت ٻڌايان، نئون ڪو.

اناالحق جو هٽي نعرو، وڏي واڪ، وڄايون ڏئونڪو،
تہ جيئن ٻيو هر ڪوڪلو نعرو سڙي، ڳري مري پوي،
جي چئين تہ اڄ مان توکي گيت ٻڌايان، نئون ڪو،
جو دڪيل چٽنگ من مان، چمڪي سان ٻري پوي.

جذبن جو ڪتاب ۽ لڙڪن جو ديوان ٿو ڳوليان،
دل مضبوط ڪري ويهه جاني! مان ٿو گيت چوان!
ڇاتيءَ ۾ مانڌائي ڦيري آءُ ٿو هانءُ ڇڪڇوليان،
جذبن جو ڪتاب ۽ لڙڪن جو ديوان ٿو ڳوليان.

پنهنجو ماڳ ۽ پنهنجي منزل هنڌ هنڌ پيو ٿو ڳوليان،
سڏڪو روڪي پڌ تون جاني! "منهنجو ساجن تون آن"
جذبن جو ڪتاب ۽ لڙڪن جو ديوان ٿو ڳوليان،
دل مضبوط ڪري ويهه جاني! مان ٿو گيت چوان!

